ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

# قديم سنڌي شعر جو مطالعو

## ابتدا :

انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ سنڌي هڪ قديم ۽ ٻٿائتي زبان آهي. سنڌيءَ ۾ ادب جي روايت بہ قديم آهي ۽ اندازو آهي تہ اُن ۾ قديم ۾ هاڻي متروڪ رسم الخط ۾ بہ گهڻو ڪجهہ لکيو ويو هوندو. اهو ذخيرو هاڻي ڪنهن بہ ريت هٿيڪو نٿو ٿي سگهي، تنهنڪري سنڌيءَ جي حقيقي ادبي تاريخ آتان شروع ٿئي ٿي، جتان کان لکيت ۾ مواد حاصل ٿيو آهي.

سنڌي ادب ۾ ڪي تذڪرا ۽ ڪي تاريخون موجود آهن، جن جي بنياد تي شاعرن ۽ اديبن جي ڪم جو جائزو وٺي سگهجي ٿو. اڪثر ماخذ فارسيءَ وارا آهن. انهن ۾ مير علي شير قانع اهم آهي، جنهن پراڻن شاعرن کان ابتدا ڪئي ۽ اهڙي طرح تذڪرو بنيادي طور اول آيو، جنهن ۾ ٿوري سوانح ۽ ڪلام جي انتخاب سان ڪنهن شاعر جو ذڪر ڪيو ويو، تفصيلي تاريخون بعد ۾ آيون. سنڌيءَ ۾ جيڪي عام تذڪرا، مقامي تذڪرا ۽ ادبي تاريخون آهن، تن جو تفصيلي جائزو مون پنهنجي ڪتاب ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ ۾ ورتو آهي. هتي ان ڳالهہ، ڪي وري ورجايان ڪونہ ٿو. فقط ايترو عرض ڪندس تہ تذڪري ۽ تاريخ کان پوءِ دنيا جي ادبيات

جي محققن ۽ نقادن هڪ قدم اڳتي وڌي ادب پارن جو ”تنقيدي اڀياس يا جائزو“ لکيو. سنڌيءَ ۾ به اهڙي تفصيلي تنقيدي جائزي يا اڀياس جي ضرورت آهي. اهڙي اڀياس ۾ نثرنگارن جي سوانح عمري جو ضروري تفصيل ڏيڻ سان گڏ سندن ڪم جو تنقيدي اڀياس (Critical Study) به وڌيڪ وضاحت سان ڏيڻ کپي.

تنقيدي اڀياس ۾ ماڻهو ڳڻائڻ بدران اهم لاڙا ۽ خاص تبديليون کولي بيان ڪيون آهن، ذڪر به فقط انهن اديبن جو ڪيو ويندو آهي، جن قائم ٿيل روايتن کان اڳتي وڌي ڪو اهم ڪارنامو انجام ڏنو هوندو آهي يا آهي جن روايت کي نئين نئون موڙ ڏنو هجي. ڇو جو ادب جي تخليق هڪ مسلسل عمل آهي بدلجندڙ قدرن سان گڏ ادب ۾ تبديلي به ايندي رهي ٿي. ڪو ماڻهو ائين سمجهي ٿو ته اڄ جو هر شاعر شاهه عبداللطيف واريون ڳالهيون ڪري ته اهو شخص هن مسلسل عمل کان نا واقف چئبو ۽ ادب جي هن کي ڪا خبر ئي نه هوندي. اڄ جو شاعر جيڪي ڏسي پسي ٿو يا ڀوڳي ٿو ان جو بيان ڪندو. هو ڇو نه سؤ سال اڳ جي دؤر ۾ جهاتي پائي. پيو ته هر انسان جي علم ۽ معيار ۾ فرق هوندو آهي. هر ماڻهو شاهه، سچل، سانگي يا اياز نٿو ٿي سگهي. اثر وٺي سگهي ٿو، اسلوب ۽ لفظن جي تقليد ڪري سگهي ٿو، پر هو بهو ڪنهن عظيم شاعر جهڙو نٿو ٿي سگهي.

ادب ۾ مختلف ڌارائون آهن، انهن جو جائزو وٺڻ تمام ضروري آهي. جيئن خبر پوي ته ادب، ڪهڙين مذهبي سياسي ۽ سماجي حالتن مان لنگهيو آهي؟ ڪهڙا اثر ورتا اٿس ۽ ادب خود سماج کي ڪو موڙ ڏنو يا نه؟

## ادب جي وصف ۽ ڪارج :

ادب جو سنئون سڌو واسطو انسان جي زندگيءَ سان آهي. سماج جو سڄو ڍانچو انسان جي مادي ۽ روحاني زندگيءَ جي ترقي تي اڏيل آهي سماج ۾ جيڪي به ٿئي ٿو ۽ فرد سان جيڪي به وهي واپري ٿو، تنهن جي تمام گهڻي اهميت آهي. ادب سماج جي عمل جو آئينو آهي. عالمن ادب جي وصف (Defination) بيان ڪندي اهو ڪوشي پڌايو آهي ته ادب جو دائرو ڪهڙو آهي. ان سلسلي ۾ انسان جي جذباتي دنيا ۽ معاشري جي قدرن بابت ڪافي ڪجهه لکيو ويو آهي. ادب جو تعلق سماجي علمن ۽ هاڻي سائنسي علمن سان ان ڪري آهي جو انهن علمن جو سنئون سڌو تعلق انسان ۽ آن جي سماج سان آهي. ادب ڪي سچائيءَ لاءِ سرمايه داري نظام ۽ سماج وادي سرشتي پنهنجون وصفون بيان ڪيون آهن. پوءِ به وصف ساڳي آهي: فقط سرمائي ۽ طبقي جي ڪري ڪي اختلافي نوٽ نظر ايندا. مون پنهنجي تعليم دوران (١٩٦٦-٦٥) چين ۾ ڏٺو ته ادب فقط مظلوم طبقن لاءِ تخليق ڪيو پئي ويو ۽ ادب ۾ مٿين طبقي جو حوالو ائين هو جيئن شيڪسپيئر وٽ ڪئليبان (Caliban) ۽ پڪ (Puck) جو ذڪر آهي.

ادب جي حيثيت بين الاقوامي سطح تي هڪڙي آهي، ۽ مقامي (يا وطني) سطح تي سوچ البت مختلف آهي. رڳو وطنيت ڪري ۽ آن ڪري وري به ادب جي بنيادي وصف تي ڪو اثر نٿو پوي. مون ڏٺو آهي ته اڪثر ماڻهو جيڪي ٿورو گهڻو ادب سان واسطو رکن ٿا، سي ادب کي به پنهنجي محدود سوچ ۾ سمائي محدود ڪن ٿا. هو پنهنجي هڪ محدود خول ۾ بند آهن. اهڙا ماڻهو بنيادي طور رجعت پسند هوندا آهن. پوءِ ڪئي ڪيترا به ترقي پسنديءَ جا نعرا هڻن ۽ دعوائون ڪن. هنن جي سوچ ۾ انسانيت

وجوديت جي شارحن سارتر (Sartre) مارسيل (Morcel) هيڊيگر (Heidegger) يا سپرس (Jaspers) ۽ ٻين اڪثر يورپي تخليق ڪارن جي ڪم ڪي تحقيق ۽ تنقيد ۾ ورڪيو ويو آهي. اسان وٽ وجوديت جي حوالي سان سارتر جو نالو پهرين اچي ٿو. وجوديت بابت ايترو هرڪو ڄڻي سگهي ٿو ته هن نظرئي موجب ڪائنات جي نظام کي بي ترتيب، بي معنيٰ ۽ اَلڙيل سڏيو ويو ۽ ادب ٻارن مان به اهوئي ظاهر ٿيو. وجوديت تصوف وانگر اهڙو نظريو نه آهي جنهن جي هڪ ئي وصف هجي ۽ هر ليکڪ ان کي نهايت ادب سان اختيار ڪري ويٺو هجي.

روايتي ڪلاسيڪي فلسفي ۾ سقراط وٽ وجوديت جو تاثر ملي ٿو، ۾ ڪرڪيگارڊ (۱۸۱۳-۵۵ع) هن فلسفي کي ٻهربون پيرو ڪولي سمجهايو آهي، جيڪو هڪ پادري هو. هُن جي چوڻ موجب وجود کي سائنس ۽ منطق سان جاڻڻ مشڪل آهي. هائيڊيگر جي خيال ۾ انسان هن دنيا ۾ اڇليو ويو آهي ۽ وجود مستقبل ڏانهن محو سفر آهي.

اڪثر مفڪرن وجوديت بابت پنهنجا پنهنجا نظريا ظاهر ڪيا آهن. ڊارون چوي ٿو: ”انسان پنهنجي اعليٰ قوتن هوندي به پنهن جي جسماني حالت ۾ پست آغاز بابت هڪ اَڻ مٽ ڇاپ رکي ٿو. برٽرانڊ رسل ۽ ٻين فلسفي ۽ رياضي علمن جي ذريعي عقليت جي بنياد تي فلسفي جو مطالعو ڪيو. وجوديت وري غير عقلي لاڙن جي نشاندهي ڪري ٿي. وجوديت جون داخلي وارداتون ڊپ، دهشت، موت، بوريت، مايوسي ۽ جرم آهن. ٻين لفظن ۾ هي قنوطيت جو فلسفو آهي. ادب ۾ وجوديت جو وڏو نمائندو جيڪو

يورپ مان ايشيا تائين پهتو سو سارتر (Sartre) آهي. سارتر وٽ انساني وجود مڪمل نيستي آهي. ان جي ڪا حقيقت ۽ ماهيت نہ آهي. انسان ڪي پنهنجي ذات جي تشڪيل لاءِ هڪ ڏکوئيندڙ صورت حال مان لنگهڻو پوي ٿو.

سارتر جي پهرئين ناول ڪراهيت (Nausea) جو هيرو راڪن تائين وجودي هيجان جو شڪار آهي. هُو پنهنجي آئيندي ۽ آزادي کان واقف نہ آهي، پر ڪراهيت جي تجربي مان لنگهي هو وجودي حقيقت کي پهچي ٿو.

سارتر جا اڪثر ڪردار خود فريبي ۽ منافقت ۾ ورتل آهن. (Intimacy) ۾ عورت جو ڪردار آهي، جيڪا چرئي مڙس سان رهي ٿي ۽ پاڻ کي بہ چريو ڪرڻ يا چريو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. چري ٿي نٿي سگهي ۽ خود فريبيءَ ۾ رهي ٿي.

سارتر جي اثر ڪري سنڌيءَ ۾ بہ هن رويي کي ورتائڻ جي شعوري ۽ غير شعوري ڪوشش ڪئي ويئي.

علامت نگاري ۽ وجوديت جهڙن نون روين ۽ لاڙن جو اڀياس ڪرڻ هڪ نقاد ۽ ادبي تاريخ نويس لاءِ لازمي آهي. سنڌي جي ادبي تاريخ تي هاڻي ڪافي مواد يڪجا ٿي چڪو آهي. آن جي وري اوک ڊوک ڪرڻ جي هر هر ضرورت نہ آهي. منهنجي خيال ۾ سمورو ادبي رڪارڊ هڪ ذوق واري پارکوءَ جي اڳيان آهي. ائين سريئلزم بہ هڪ لاڙو آهي.

سَريئلزم (Surrealism) ادب ۽ آرٽ ۾ هڪ ڌارا (Trend) آهي. سنڌيءَ ۾ هن ڌارا جي باري ۾ گفتگو بہ اڃان نٿين نٿين آهي. انسائيڪلو پيڊيا آمريڪا نا موجب: سريئلزم هڪ وڏي ادبي

تحريڪ آهي، جيڪا ۱۹۲۰ع ۽ ۱۹۳۰ع واري دؤر ۾ فرانس ۾ آئي. هي هڪ رد عمل هو قائم ٿيل جمالياتي روايتن جي خلاف توڙي رسمن کي ٽوڙڻ لاءِ، سريئلزم کي مڃڻ وارن جو نئون سچ تخليق ڪرڻ جو جذبو هو، جيئن هو پنهنجي ادراڪ سان ظاهري دنيا جي حقيقتن کي سمجهي سگهن (۱).

ٻهربون پيرو هي لفظ شاعر Guillaume apollinaire پنهنجي سوانحي ناول ۾ ۱۹۱٦ع ۾ ڪم آندو ۽ مقبول ڪيو (۲). سريئلزم کي رائج ڪرڻ وارن اهڙو نن ٽي تخليق ڪرڻ گهربو، جيڪو قائم ٿيل جمالياتي ۽ اخلاقي روايتن کان آزاد هجي. هنن عام طور مضمون ڪم آندا جيڪي خوابن، وهمن ۽ خوشفهمين توڙي پين لاشعوري روين بابت هئا. هن سلسلي جا اهم ليکڪ: بريتن، پال ايليارڊ ۽ ريني چار وغيره هئا ۱۹۳۰ع ۾ مصور به نمايان ٿيا (۳).

اِهي لاڙا آخري Latest آهن، جيڪي سنڌي ادب ۾ آهستي آهستي ويهين صديءَ جي آخر تائين ظاهر ٿيا آهن. پر بنيادي لاڙو مذهب هو ۽ پوءِ اُن تصوف جي شڪل اختيار ڪئي. اهڙو وايو منڊل قائم ٿيو، جو جيڪي صوفي نه هئا، انهن به تصوف جو انداز اختيار ڪيو.

سنڌ، پراڻي زماني ۾ جيتري پکيڙ ۾ وڏيڪ هئي، اوترو سنڌي شاعريءَ جو دائرو وسيع هو. ڪڇ، گجرات، راجستان ۽ لس ٻيلي سان مليل سنڌي شهر اُن جو ثبوت آهن، سنڌ جو شاعر ڪبير شاه هتان هلي لس ٻيلي ۾ شيخ ابراهيم جهان شاعرانه مارڪو

(1) Encyclopedia Americana, Vol. 26, 1987, p. 69.
(2) Ibid. p. 69.
(3) Ibid. p. 69.

سهجو :

چلنا هي رهنا نهين، چلنا پسو بس،
سهجو تنک سهاگ پر کيون کنڌواهه کيس.

ترجمو :

هلڻو آهه رهڻو ناهي، هلڻو آخرڪار،
سهجو ٿڌي سهاڳ تي، ڇو ويڙهيائين وار.

سهجو :

ٻانهن ڇڙاءِ جات هو، نبل جان ڪي موهي،
هرده ۾ سي جانوڳي، مرد بندون ڳي توهي.

ترجمو :

ٻانهن ڇڏايو تو وڃڻ، نٻل ڄاڻي مون،
دل منجهان ويندين جڏهن، مرد ٻوءِ چئبين تون.

(منتخبات هندي ڪلام، از ڊاڪٽر جعفر حسين)

هڪڙو بيت ڪنهن کان زباني ٻڌو اٿم. شايد ڪنهن ٻئي شاعر يا شاعره جو هجي، اهو هي آهي- ع

سونا لاون پي ڳئي، سونا ڪر ڳئي ديس،
سونا ملا نه پي ملا، روپا هوگئي ڪيس.

سون ان جو تازو ١٩٩٠ع ۾ هيٺين ترجمو ڪيو آهي.

سون ڪٽڻ ويو سپرين، سڃو ڪري ديس،
سون مليو نه پرين وريو، روپا ٿي ويا ڪيس.

هنديءَ ۽ سنڌيءَ جو هيٺين شعر ۾ اثر ۽ ربط گهڻو ئي آهي.

سنڌي شاعري ڪيتري قديم آهي، ان تي خاص طور ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تحقيق ڪئي آهي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي

بن علمي بندگي ڪري، تو بندگي سڄي سار،
جيون نت اٺ راهہ چلڻا، آخر اجڙ واس.

ستگر نور ڪانپوءِ پير شمس تيرهين صدي عيسويءَ ۾ تبليغ ڪئي. پر جيڪو داعي وڏو شاعر به ٿي اڀريو سو پير صدر الدين (١٢٩٠-١٤١٩ع) آهي. سندس ڪلام گنان جي عنوان سان مشهور آهي. پير صدرالدين جو ڪلام سنڌي، هندي، ملتاني ۽ گجراتيءَ ۾ آهي. ڪڇي ۽ لاڙي محاوري ۾ سندس ڪلام آهي. پير صاحب جو گنان "آڻي الله نہ گهرين بندا تون ستين ساري رات"، گهڻو مشهور ٿيو. ٻوليءَ جي لحاظ کان به سندس ڪلام آسان ٿو لڳي. ان ڪري ڊاڪٽر بلوچ جو خيال آهي تہ پوين اسماعيلين جي زبان جو پراڻن گنانن تي اثر ٿيو آهي. گنانن ۾ پيغام رسائڻ ۾ بہ تصوف ئي ذريعو بڻيو آهي. پير صاحب فاني دنيا جو ذڪر هن ريت ڪري ٿو:-

ڪوٺا منڊپ ماڙيون گهر گهوڙا پنڊار،
ڪين (١) نہ نيا پاڻ سين، جيو چلنتي وار.

گنان ۽ وينتيون شاعريءَ جون صنفون آهن. اڪثر جي هيئت ڪافيءَ وانگر آهي. اسماعيلي فرقي جو هي هڪ وڏو شعري ذخيرو بہ آهي ۽ ان کي هڪ تقديس بہ حاصل آهي، جيڪي بہ اسماعيلي شاعر ٿيا، تن پير صدرالدين جو اثر نمايان آهي.

ايئن چئي سگهجي ٿو تہ گنانن ٻارهين کان وٺي تيرهين صدي عيسوي تائين مذهبي، اخلاقي ۽ صوفيانہ شعر جو وڏو ذخيرو سنڌي ادب جو سينگار بڻايو آهي.

---

(١) ڪنهن.

## سومرن جي جنگ :

ادبي لحاظ کان اِهي ئي ساڳيا ٽي سؤ سال (١١ صدي کان ١٣ صدي ع ) سومرن جي دؤر جي واقعن ۽ قصن بابت رزميه ۽ روحاني شعر سبب ڳڻيا وڃن ٿا . رزميه شعر ۾ دودي جي دهليءَ جي حملہ آورن سان جنگ ۽ سر ڏيڻ جي سرهو ٿيڻ جو احوال ڀٽن ڀانن پنهنجن بيتن ۽ ڳاهن ۾ آندو . سومرن جي دؤر جا ڪجهہ ٻيا قصا بہ آسريا . ڀاڳو ڀان ، سمنگ چارڻ ۽ ٻين ڀٽن ۽ چارڻن جون ڳاهون سومرا دور (١٠٥٠ - ١٣٥٠ع) جو احوال مهيا ڪن ٿيون . هنن شعرن ۽ ڳاهن جي اهميت ادبي لحاظ کان ٿي گهٽي آهي . تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي هن مواد کي پيڙبو تہ آهو هڪ جدا پيمانو آهي . سومرن جو دؤر موضوع جي لحاظ کان ٻن حصن تي مشتمل آهي . رزم ۾ دودي جي جنگ ۽ رومان ۾ ليلا چنيسر ، عمر مارئي ۽ ٻيا قصا آهن . قصن جي اهميت بہ ادبي لحاظ کان گهٽي آهي ، قصن جي باري ۾ چيل بيتن کي تاريخ نہ چاٽڻ ڪپي .

بهرحال هي سنڌي شاعريءَ جو ابتدائي زمانو آهي . هن کي ميسر ٿيل ڪلام سبب ئي ڳنجي ٿو ، نہ ئلهي روايت تي .

سمن جو دؤر (١٣٥٠ - ١٥٢٠) ، سنڌي شاعريءَ جو ٻيو دؤر ڳڻڻ کپي . هن دؤر ۾ ڪي بيت ۽ ڪي روايتون مليون آهن . بيت بہ ٿورا آهن ۽ خالي روايت تہ ادبي مطالعي ۾ ڪا بہ مدد نٿي ڏيئي سگهي . فقط انهن روايتن کي ڳڻبو جن سان گڏ ڪي بيت شامل آهن انهن ۾ هيئيون روايتون آهن :

١ - شيخ حماد جماليءَ سان منسوب هڪ بيت .

٢ - اسحاق آهنگر (لوهار) سان منسوب هڪ بيت .

٣ - ماموئي درويشن سان منسوب ست بيت .
٤ - مخدوم احمد ڀٽيءَ سان منسوب ٻه بيت .
٥ - نوح هوٿياڻيءَ سان منسوب موزون فقرا .
٦ - پير مراد شيرازيءَ سان منسوب هڪ فقرو .
٧ - سيد علي شيرازيءَ جو بيت (چار سٽون) .
٨ - شيخ عبدالجليل چوهڙ جي روضي ۾ ڳايل ٻه بيت .
٩ - حديقه الاوليا ۾ آيل چار بيت .

ايئن ڪي ٻيا بيت به هوندا جيڪي تذڪرن ۾ نه اچي سگهيا . هنن ۾ مضمون به اخلاقي ۽ توحيد تي آهي ، تصوف جي هڪ جهلڪ ملي ٿي ۽ ڪي بيت ۽ ٿوري فقرا فقط واقعاتي نوعيت جا آهن .

## قاضي قادن :

سمن جي دؤر جي آخر ۾ جنهن شاعر جو ڪهڙو ڪلام آهي، سو قاضي قادن (١٤٦٣ - ١٥٥١) آهي. نئين تحقيق موجب سندس ڪلام سؤ کن بيتن تي مشتمل آهي . [هوري نڪر واري تحقيق کان اڳ فقط ست بيت شاهه ڪريم (١٥٣٨-١٦٢٣ع) جي رسالي مان نروار ٿيا هئا .

قاضي قادن جي ڪلام مان تصوف هڪ مڪمل مضمون وانگر ظاهر ٿئي ٿو. هو صاف صاف چوي ٿو ته آهو طرف ٿي ڪو پيو هو جتان محبوب جو جلوو ڏٺم. ڪنهن ڪتاب مونکي ڪو نه سيکاريو-ع

ڪنز قدوري قاف ، ڪو ڪونه پڙهيوم
سو پار ئي پيو ، جتان پرين لڌوم

---

سانر ڏيئي لت ، اوچي نيچي پوڙيئي،
هيڪائي هڪ ٿيو ، ويئي سڀ جهت.

آهائي تنوار آهي، جا اڳتي هلي شاه ڪريم، شاه لطيف ۽ سچل جي ڪلام ۾ ظاهر ٿي. تصوف ۾ ڪائنات جي سڄي موجودات کي خالق جي وجود جو مظهر ڄاتو ويندو آهي. صوفي شاعرن وحدت جي واڪي تمام بلند آواز ۾ ٻڌجي ٿي. دادو ديال پوين شاعرن ۾ هڪ اهڙو شاعر ٿيو جنهن قاضي قادن جو واضح اثر ورتو.

## مخدوم نوح:

سنڌ جي هڪ متبرڪ خاندان جو چشم و چراغ حضرت مخدوم نوح هالا ۾ ٩١١هه (١٥٠٥ع) ۾ ڄائو. سندن والد جو نالو نعمت الله هو. مخدوم نوح جو اصل نالو لطف الله هو. نه رڳو حضرت مخدوم نوح پر سندن خاندان ۾ وڏا وڏا بزرگ ۽ حق جا طالب ٿي گذريا آهن. حضرت مخدوم نوح قرآن شريف جو فارسيءَ ۾ ترجمو به ڪيو. سندن ملفوظات پوين وٽ محفوظ آهن ۽ ٿورڙا بيت به منظر عام تي آيا آهن. انهن بيتن جي ٻولي به آسان آهي. مخدوم صاحب ماڪ جي جا توضيح ڪئي آهي ۽ سا متاثر ڪندڙ آهي — ع

پٽي جا پرڀات، سا ماڪ ۾ پانيو ماڻهنا،
روئي چڙهي رات، ڏسي ڏکوين کي.

پرڀات جي ماڪ يا شبنم تي ڪيترن شاعرن لکيو آهي، پر مخدوم صاحب نازڪ خياليءَ جو بهتر نمونو پيش ڪيو آهي. مخدوم نوح هڪ درويش ۽ شاعر آهي. هن جي ڪلام مان اها ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي. ٿورو سنڌي ڪلام به اها ئي ثابتي ڏي ٿو.

آيل آهن . شاه صاحب جي مجلسن ۾ زير بحث اچڻ ڪري رسالي جو حصو بڻيا .

بهرحال دادو انهن ۾ هڪ اهم شاعر آهي . هو شاه ڪريم جو همعصر هو. ڊاڪٽر بلوچ جي لکڻ موجب دادو ديال، قاضي قادن جي بيتن کي راجستان طرف مشهور ڪيو. هن خود راجستاني ۽ هندي ٻوليءَ ۾ ڪلام چيو ۽ سنڌيءَ ۾ به ڪلام چيائين (١) .

رانيلا مٺ مان مليل گرنٿ ۾ دادو جو ڪلام به آهي . اُتان موڪليل ڪجهه بيت ڊاڪٽر بلوچ به ڏنا آهن (٢) اهي هت آڻجن ٿا - ع

دادو جهاتي پاڻي ٻس ٻري، داڻي‌لاءِ م وير
ست سيو ڏي هليو، ٻوءِ پسندون ڪير .

---

دادو غافل ڇو وتين ، منجهين رب نهار
منجهيئي ٻي پاڻ جو ، منجهيئي ويچار .

---

دادو غافل ڇو وتين ، آهي منجهه الله
ٻري پاڻ جو پاڻ سين، لهي سيوني ساءَ .

---

دادو جئن تيل تيلن ۾ ، جئن ڳنڌ ڦلن
جئن مکڻ کير ۾ ، تئن رب رهن .

ڊاڪٽر بلوچ جو اهو به خيال آهي ته دادوءَ تي قاضي قادن جو گهڻو اثر آهي . هو دادوءَ جو روحاني رهبر آهي . قاضي قادن جي ڪلام ئي دادو ديال کي خدا جي هيڪڙائي ڏي مائل

---

(١) سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي مختصر تاريخ - ص ص ٢٢٣ ۽ ٢٢٥ -

(٢) ايضا - ص ٢٢٦ -

اهو سڀ محفوظ ڪيو. رسالہ ڪريمي ١٩٠٤ع ۾ قليچ بيگ ۽ ١٩٣٧ع ۾ ڊاڪٽر دائود پوٽي شايع ڪيو. شاه ڪريم مريدن جي پڇيل سوالن جا جواب ڏيندو هو ۽ ان سلسلي ۾ ڪي بيت چئي ڳالھ واضح ڪندو هو. ڪنهن پڇيو تہ دنيا جي ڪم ڪار ۾ بہ رڌل آهيو ۽ خدا جي عبادت ۾ دل جي حضور سان ڪريو ٿا، اهو ڪيئن؟ جواب ۾ سيد صاحب بيت چيو- ع

پاڻي هاري سر ڀڄڙو، جتن تي پکي جيئن،
اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.

سندس بيتن ۾ هر ڳالھ آسان نموني ۽ وڻندڙ مثال سان ڀڌايل آهي. ڪٿي بہ سندس ڪلام ۾ بيان ۽ زبان جي دقت نہ ملندي. پڇڻ بابت چوي ٿو- ع

پڇتا سي نہ منجهتا، جي پڇن سي وڃن،
جو لکڻ منجهہ ماڻهين، سو مکڻ منجهہ کير.

شاه ڪريم جي ڪلام ۾ محققانہ تلاش ڪان پوءِ فارسي شعر ۽ خيال جو اثر ملندو، پر خود سنڌي شعر اهڙو سلوڻو هوندو جو اصل ڏي خيال ئي نہ ويندو.

مثال:

خشڪ باشي بر لب جُو خشڪ لب
ميدوي سوئي سراب اندر طلب
(رومي)

پاڻيءَ مٿي جهوپڙا، مورک اُڃ مرن،
دم نہ سڃاڻن، دانهون ڪن مٿن جئن.

راز رکڻ بابت عالم ۽ منطق جا صاحب ڪيترين ميائن واريون توجيهون ڏين ٿا. ڪهڙن ڪهڙن مثالن سان هي ڳالھ سمجهائڻ

جي ڪوشش ڪن ٿا، پر شاهہ ڪريم بند مِٽ جو مثال نهايت ساد گيءَ سان ڏي ٿو ۽ راءِ ظاهر ڪري ٿو جنهن ۾ ڪوبہ ور وڪڙ نہ آهي - ع

مِٽ پيڙيائي پلي، جي آهني تہ واءُ

جي ٻذر وڏءِ ڳالهڙي، تہ چِڏي وڃي ساءُ.

هو هڪ صوفي شاعر آهي، پر سندس شعر ۾ تصوف جو ڪوبہ معاملو منجهيل لفظن ۾ نہ آهي. هو هر ڳالهہ آسان لفظن ۾ چوي ٿو- ع

اسين تتان آئيون، جتي کهنبو نساهہ،

جي وڃون ڪنهن وهانءُ تہ بہ متهون لوئيون.

آسان زبان ۽ سپڪ لهجو شاهہ ڪريم جي ڪلام جي خصوصيت آهي. هو انهيءَ لحاظ کان بہ سنڌيءَ جو پهريون شاعر آهي. سندس هيٺيان ٽي بيت بہ اِها ڳالهہ ظاهر ڪن ٿا- ع

هنيون ڏجي حبيب کي، لِکَ ڪَڏجن لوڪَ،

ڪَڏيون ۽ ڪروتون، اِيءَ پڻ مڳر ٽوڪ.

---

مورک مُور نہ ٻجهنا، هيڏانهن هوڏانهن ڪن،

ڪُ رُجن اکين ۾، سي ڪيئن پرين پسن.

---

نينهن نياپي نہ ٿئي، سڏين سيڻ نہ هُون،

ڪارڻين راتين رتِ ڦڙا، جان جان نيڻ نہ رُون.

اهو انداز اهو لهجو اڳتي شاهہ جي رسالي ۾ بہ مليو ۽ سنڌي شاعريءَ لاءِ هڪ نمونو بنيو. هڪ وڏو شاعر، هڪ عظيم انسان ۽ درويش ڪهڙو ٿيندو آهي، ان سوال جو جواب بہ شاهہ ڪريم جي ذات ۽ ڪلام مان مليو.

عيال وارو ٿيو. عمر موت ڪاڏي ته دل حقيقي محبوب ڏي راغب ٿي ۽ گهڻو وقت بزرگن جي آستانن تي گذارڻ لڳو (١).

شاهه عنات پنهنجي دؤر جو هڪ وڏو شاعر هو. هو شاهه ڪريم ۽ شاهه لطيف جي وچ تي هڪ ڳنڍيندڙ ڪڙي آهي. سندس رسالو ڊاڪٽر بلوچ ايڊٽ ڪيو آهي. جنهن ۾ مقدمي ۾ شاعر جي حيات ۽ ڪلام تي تفصيل سان بحث ڪيو اٿس. مٿين عنات جو رسالو سنڌي شاعري ۽ تصوف جو هڪ انمول خزانو آهي. سسئيءَ جو بيان پرپور انداز سان ڪيو اٿس- ع

نه ڪي رڙڪيا نه ڪي ڪڙڪيا، ڪٺ نه ڪڇيائون،
ڀوندي ڀار پيڪيا، ڀوٽين ڀڏائون،
جود جمازي جهانجهرا، ڪامٺين ڪاهيائون،
آڏي رات عنات چئي، ليڙا لانچيائون،
چِٽل م چنام ڇتين جا، پُنهون پرانهون،
اچين اوراهون، ته جيان جا نڪيتان نه مران.

شاهه عنات ايندڙ شاعرن لاءِ گس ڪوڙي ڇڏيا. سندس ڪلام لغت جو به اڪٽ پنڊار آهي. سندس خاندان مان شاهه شريف ۽ شاهه هلاول سٺا شاعر ٿيا. عنات متاخرين تي چڱو اثر ڇڏيو ۽ سندس ورثو ڇڏهن هڪ قابل جوهري شاهه لطيف وٽ پهتو ته سنڌي شاعري جرڪي پئي.

---

(١) ايضاً ص ٣٧